# عثمانِ غني

## جون 3 خاص وَصفُون

**04 June 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

4 جون 2026ع (بمطابق: 18 ذوالحج شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

قرآني بيان

بنام

# عثمانِ غني جون 3 خاص وَصفُون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿… **خلافت جي ترتيب جو قرآن ۾ ذڪر**
- ✿… **عثمانِ غني جي ابراهيم** عَلَیْہِ السَّلَام **سان مشابهت**
- ✿… **عثمانِ غني** رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ **جون مالي قربانيون**
- ✿… **عثمانِ غني** رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ **جي خوش بختي**

پیشکش

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۾ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اُهو هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان دورد پاڪ پڙهيو هوندو. [1]

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی
کرلو وظیفہ نامِ محمّد
روزِ قیامت میزان وپُل پر
دے گا سہارا نامِ محمّد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا
میں یہ کہوں گا نامِ محمّد (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مسند الفردوس، باب الياء، جلد:5،صفحه:277،حديث :8175ـ
2…قبالۂ بخشش، صفحه:133تا 135 ملتقطًاـ

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پٿريون تسبيح ڪرڻ لڳيون

حضرت اَبُو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مان مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ذڪر هميشہ ڀلائيءَ سان ڪندو آهيان (يعني سندن ڪڏهن بہ بُرائي نہ ڪندو آهيان، جڏهن بہ سندن ڳالهہ نڪرندي آهي تہ مان سندن تعريف ئي ڪندو آهيان، ائين ڇو آهي؟ فرمائن ٿا:) سندن هڪ شان آهي جيڪو مون پنهنجين اکين سان ڏٺو هو.

هاڻي اهو شان جيڪو حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجين اکين سان ڏٺو هو، انهن جي ئي زباني ٻڌو! فرمائن ٿا: مان پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خَلوتن جو عاشق هئس، هر وقت موقعي جي تلاش ۾ رهندو هئس ۽ جڏهن بہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اڪيلا هوندا هئا تہ مان فورًا سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ويندو هئس ۽ علمِ دين سکندو هئس. هڪ ڏينهن

1… بخاري، ڪِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1۔

مون ڏنو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اڪيلا تشريف فرما آهن. مون موقعي کي غنيمت سمجهيو ۽ يڪدم سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ويس. ◈ اجان وينو ئي هئس (ٿوري ئي دير گذري هئي) تہ مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ اتي پهچي ويا. انهن حاضر ٿي سلام عرض ڪيو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جواب عطا فرمايو ۽ پڇيائون: ابو بڪر! ڪهڙي ڳالهہ توکي هن وقت هتي وٺي آئي آهي؟ عرض ڪيائون: اَللّٰہُ وَرَسُوْلُہٗ يعني الله ۽ ان جي رسول جي محبت وٺي آئي آهي.

◈ اجا ٿوري ئي دير گذري هئي تہ مسلمانن جو ٻيو نمبر خليفو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ اچي ويا، انهن بہ سلام ڪيو ۽ ويهي رهيا، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انهن کان بہ پڇيو: عمر! ڪهڙي ڳالهہ هن وقت توکي هتي وٺي آئي آهي؟ عرض ڪيائون: الله ۽ ان جي رسول جي محبت وٺي آئي آهي ◈ ٿوري دير کان پوءِ مسلمانن جو ٽيون نمبر خليفو حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ اچي ويا. انهن بہ سلام ڪيو ۽ ويهي رهيا. حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کانئن بہ پڇيو: توکي ڪهڙي ڳالهہ هن وقت هتي وٺي آئي آهي؟ انهن بہ ساڳيو ئي جواب ڏنو: الله ۽ ان جي رسول جي محبت وٺي آئي آهي.

حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان جي هٿ مبارڪ ۾ 7 يا 9 پٿريون (*Pebbles*) هيون. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انهن کي پنهنجي ترِيءَ تي رکيو تہ سُبْحٰنَ الله! انهن پٿرين تسبيح شروع ڪري ڏني، مون سميت سمورا حاضرين انهن جو آواز ٻڌي رهيا هئا.

پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اهي پٿريون زمين تي رکي ڇڏيون تہ اهي خاموش

ٿي ويون. پوءِ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيهر اهي پٿريون کنيون ۽ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي هٿ مبارڪ ۾ ڏنائون، جيئن ئي اهي حضرت صديقِ اڪبر جي هٿ ۾ آيون تہ ٻيهر تسبيح ڪرڻ لڳيون، انهن جو آواز اسان اتي موجود ماڻهو ٻڌي رهيا هئاسين. ان کان پوءِ جيئن ئي انهن کي زمين تي رکيو ويو تہ اهي ٻيهر خاموش ٿي ويون.

پوءِ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پٿريون کڻي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي هٿ تي رکيون. اهي وري تسبيح پڙهڻ لڳيون، پوءِ زمين تي رکيون ويون تہ خاموش ٿي ويون، ٽئين ڀيري حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي پٿريون کڻي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي هٿ تي رکيون، انهن وري بہ تسبيح پڙهڻ شروع ڪري ڏني، زمين تي رکيون ويون تہ خاموش ٿي ويون. هاڻي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هٰذِهٖ خِلَافَةُ النُّبُوَّةِ يعني هي نبوت جي خلافت آهي.

ان کان پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بقايا موجود ماڻهن جي هٿن تي بہ پٿريون رکيون، پر ڪنهن جي بہ هٿ ۾ وڃي انهن تسبيح نہ پڙهي.

## ترتيبِ خلافت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز حديثِ پاڪ ۾ ترتيبِ خلافت (*Order of Succession*) جو بيان آهي، سڀ کان پهريان پٿريون ◈ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ آيون ◈ پوءِ حضرت صديقِ اڪبر ◈ پوءِ فاروقِ اعظم ◈ پوءِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي هٿ ۾ آيون. خلافت جي ترتيب بہ اها ئي آهي **(1):** پهريان خليفا صديقِ اڪبر **(2):** ٻيان نمبر خليفا فاروقِ اعظم **(3):** ۽ ٽيان نمبر خليفا حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم آهن.

انهن پٽرين جي تسبيح پڙهڻ ۾ اشارو آهي تہ جيئن پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گهمنڊڙ ڦرنڊڙ مُردن کي جياري انهن جي اندر ايماني زندگي پيدا فرمائي ڇڏي، الله پاڪ جي ذڪر کي عام ڪيو، ماڻهن کي نيڪ بڻايو، اسلام ڦهلائي ڇڏيو آهي، اهڙي طرح پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ سندن نائب ۽ خليفي طور اِهو تاثير(*power*)حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي هٿ مبارڪ ۾ ايندو، پوءِ اِهو تاثير حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ ۽ انهن کان پوءِ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي هٿ ۾ اچي ويندو.

هي بہ عرض ڪندو هلان تہ چوٿون نمبر خليفا مولاءِ ڪائنات حضرت موليٰ علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ آهن، اُهي جيئن تہ اتي موجود نہ هئا، تنهنڪري سندن ذڪرِ خير نہ آيو آهي، جيڪڏهن اُهي حاضر هجن ها تہ انهن جي هٿ تي بہ ضرور پٿريون تسبيح پڙهن ها.

## خلافت جي ترتيب جو قرآن ۾ ذڪر

پيارا اسلامي ڀائرو! انهيءَ ئي خلافت جي ترتيب جو ذڪر قرآن ڪريم جي هن آيتِ ڪريمہ ۾ بہ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ وَ الَّذِيۡنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الۡكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ تَرٰىهُمۡ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضۡوَانًا سِيۡمَاهُمۡ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ (پارو: 26، سورة فتح: 29) | ترجمو ڪنزالعرفان: محمد الله جا رسول آهن ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت، پاڻ ۾ نرم دل آهن. تون انهن کي رڪوع ڪندي، سجدا ڪندي ڏسندين، الله جو فضل ۽ رضا چاهن ٿا، ان جي علامت انهن جي چهرن ۾ سجدن جي نشان سان آهي. |

عُلَماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمه ۾ ◈ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗۤ (۽ انهن جي ساٿ وارن مان مراد) حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن ◈ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ (ڪافرن تي سخت) حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن ◈ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ (پاڻ ۾ نرم دل) حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن ◈ ۽ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا (تون انهن کي رڪوع ڪندي، سجدا ڪندي ڏسندين) مان مراد چوٿون نمبر خليفا حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن.[1]

چهار یارش تا تاجِ اصفیا نشدند | نداشتہ ساعد دینْ یارہ داشتن یارا

**مفهوم:** نبيءِ جا چار يار، ابو بڪر، عمر، عثمان ۽ علي رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ، دينِ مبين جي قوت ۽ طاقت آهن، انهن دين کي مضبوط ڪيو ۽ دنيا ۾ چوطرف ڦهلائي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبت ڪشش رکندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! پٿرين جي تسبيح وارو جيڪو واقعو اسان ٻڌو، ان ۾ هڪ ايمان افروز ڳالهه آهي، جنهن ڏانهن مان توجهه ڏيارڻ چاهيان ٿو. ڏسو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اڪيلا تشريف فرما هئا، يعني معمول مطابق اُهو ڪنهن درس وغيره جو وقت نه هو.

هاڻي صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ مان ڪو پنهنجي گهر ۾ هوندو، ڪو ڪم

[1] تفسير بغوي، پاره:26 ، سورة فتح، زيرِ آيت:29، جلد:4، صفحه:192.

ڪار تي هوندو، پر جڏهن اُهي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تنهي کان ساڳيو ئي سوال پڇيو: اوهان کي ڪهڙي شيءِ هتي وٺي آئي آهي؟ يعني نہ هي نماز جو وقت آهي، نہ درس جو وقت آهي، نہ علمِ دين جي ڪنهن حلقي جو وقت آهي تہ پوءِ اوهان هن وقت خلافِ معمول ڪهڙي سبب وِچان آيا آهيو؟ انهن تنهي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم جو هڪ ئي جواب هو: **اسان کي اللّٰه ۽ ان جي رسول جي محبت وٺي آئي آهي.**

جڻ اُهي هي چئي رهيا هئا تہ يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان پنهنجي ڪم ڪار ۾ مصروف هئاسين، اسان پنهنجن گهرن ۾ هئاسين، اسان پنهنجن ٻارن سان گڏ هئاسين، پر دل بيچين ٿي رهي هئي، اوهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ياد ستائي رهي هئي، ڪم ڪار ۾ دل نہ لڳي رهي هئي، اوهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت، اوهان جي ديدار جي چاهت اسان کي هن وقت هتي وٺي آئي آهي.

**سُبْحٰنَ الله!** معلوم ٿيو تہ محبت جي اندر ڪشش هوندي آهي. محبت ڇڪيندي آهي. اسان وٽ بہ ماٺهو محبت جي دعويٰ تہ ڪندا آهن، چوندا آهن: اسان عاشقِ رسول آهيون، پر انهن جي اندر ڪشش نظر نہ ايندي آهي ◈ دڪان تي آهن، نماز جو وقت ٿي ويو، دل مسجد ڏانهن نہ ٿي ڇڪجي ◈ درود پاڪ پڙهڻ کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويندا آهن، دل بيچين نہ ٿيندي آهي ◈ قرآن جي تلاوت ڏانهن دل مائل نہ ٿيندي آهي ◈ مديني جي ياد ستائيندي نہ آهي ◈ اکين ۾ ڳوڙها نہ ايندا آهن ◈ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين سنتن تي هلڻ نصيب نہ ٿيندو آهي ◈ عمامو شريف

ٻڌڻ تي دل مجبور نہ ڪندي آهي ◈ ڏاڙهي شريف مَعَاذَاللهُ! ڪُوڙائي ڇڏيندا آهيون، دل ۾ هلچل پيدا نہ ٿيندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي غور ڪرڻ گهرجي ...!! تہ جيڪڏهن دل ۾ محبت جي دعويٰ آهي تہ پوءِ سنتِ مصطفيٰ ڏانهن، ذڪرِ مصطفيٰ ڏانهن، يادِ مصطفيٰ ڏانهن دل جو لاڙو ڇو نہ آهي ...؟

مان اِهو نہ چوندس تہ اسان جي دل ۾ عشقِ رسول موجود نہ آهي، دلين جا حال الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو، پر حالتون ڏسي ائين لڳي رهيو آهي تہ اسان جي محبت ڏاڍي ڪمزور آهي، اسان جي دل ۾ ڪشش پيدا نہ ٿي ڪري. ڪاش! اسان دعويٰ سان گڏوگڏ عملي طور بہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان صحيح معنيٰ ۾ محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! اسان کي سنتن سان پيار ٿي وڃي ۽ اسان سنتن جي گهمنڊڙ ڦرندڙ تصوير بڻجي وڃون.

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں | ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سنیں فلم بینی کریں | ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں کریں غیبتیں | ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:649-650 ملتقطاً

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ذوالحج شريف جي 18 تاريخ تي مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو عُرس پاڪ ٿيندو آهي. [1] ◈ پاڻ صحابيءِ رسول آهن ◈ پري جي رشتي کان پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڀاڻيجا آهن ◈ پاڻ چوٿين يا پنجين نمبر تي اسلام قبول ڪيائون.[2] ◈ پاڻ تمام گهڻي فضيلت وارا آهن ◈ ٻئي خليفي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان پوءِ پاڻ ٽئين خليفا مقرر ٿيا ◈ 12 سالن تائين خلافت جا فرض نڀايائون ◈ آخرڪار 18 ذوالحج تي انتهائي مظلوميت سان مديني پاڪ ۾ شهيد ڪيا ويا.[3]

| | |
|---|---|
| خَلْق پہ لطفِ خُدا حضرت عثمان ہیں | جُملہ مرض کی دوا، درد کے درمان ہیں |
| بابِ سخا کھل گیا، دیکھا جو یہ ماجرا | غازیانِ مُصطفےٰ بےسرو سامان ہیں (4) |

## سِڌِي واٽَ وارا

سيپارو: 14، سورة نحل جي آيت نمبر 76 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ هُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ | ترجموڪنزالعرفان: جيڪو انصاف جو حڪم ڏيندو آهي ۽ اهو سڌي واٽ تي به آهي |

1…اسد الغابۃ، رقم:3589، عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہ عنہ ، جلد:3، صفحہ:585۔
2…نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544 خلاصۃً۔
3… طبقات الکبریٰ، رقم:14، عثمان بن عفان، جلد:3، صفحہ:57۔
4… دیوانِ سالک، صفحہ:29۔

ترجمانُ القرآن، صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو شان بيان ڪيو ويو آهي. [1] ٻڌايو پيو وڃي تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ◈ پاڻ بہ صراطِ مستقيم تي آهن ◈ سڌي واٽ تي هلڻ وارا آهن ◈ گڏوگڏ ٻين کي بہ عدل ۽ انصاف (*Justice and fairness*) جو درس ڏيڻ وارا آهن.

هن آيتِ ڪريمہ مان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا **2** شانَ معلوم ٿين ٿا: **(1):** پاڻ صراطِ مستقيم (يعني سڌي واٽ تي هلڻ وارا) بہ آهن ۽ **(2):** ٻين کي بہ نيڪ رستي جو مسافر بڻائڻ وارا بہ آهن.

## نيڪ بڻجو ۽ بڻائيندا رهو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ٿورو سوچيون تہ اِهو ئي اسان جو مدني مقصد بہ آهي: مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللهُ الْکَرِیْم!

يعني اُهي **2** اعليٰ وصف، جن تي قرآن پاڪ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي تعريف فرمائي، اهي ئي **2** وصف اسان کي بہ اختيار ڪرڻا آهن، پاڻ کي بہ هميشہ سڌي واٽ تي هلڻو آهي ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيارڻي آهي.

## نيڪيءَ جي دعوت، لذت ڀَري عبادت آهي

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون عبادت جي لذت **4** شين ۾ ڏٺي آهي: **(1):** فِيْ اَدَاءِ فَرَائِضِ اللهِ يعني الله پاڪ جا فرضَ ادا ڪرڻ ۾ **(2):** فِيْ اِجْتِنَابِ

1...تفسير قرطبی، پاره:14 ، سورۂ نحل، زيرِ آيت:76، جلد:5، جز:10، صفحہ:94۔

مَحَارِمِ اللّٰهِ اللہ پاڪ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ ۾ **(3):** فِی الْاَمْرِبِالْمَعْرُوْفِ اِبْتِغَاءِ ثَوَابِ اللّٰهِ اللہ پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ **(4):** فِی النَّهْیِ عَنِ الْمُنْكَرِ اِتِّقَاءِ غَضَبِ اللّٰهِ اللہ پاڪ جي غضب کان بچڻ لاءِ برائي کان روڪڻ ۾.[1]

میں مُبلّغ بنوں سنتوں کا، خُوب چرچا کروں سُنتوں کا

ہو کرم بہرِ شاہِ مدینہ[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنه جون 3 خاص وَصفون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جون وصفون تہ بيشمار آهن، قرآن پاڪ جون ڪيترين ئي آيتون سندن شان ۾ نازل ٿيون، حديثن ۾ بہ انهن جون ڪيتريون ئي فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن، پر! پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جون 3 خاص وصفون اهڙيون آهن، جيڪي بين صحابہ ڪرام ۾ بہ موجود هيون، پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ ۾ انهن جو جلوو وڏيڪ نظر اچي ٿو. اهي 3 وصفون هي آهن: حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مشائخ طريقت يعني وڏن وڏن اولياءِ ڪرام **(1):** هديہءِ مال و جان (يعني اللہ پاڪ جي نالي تي جان ۽ مال قربان ڪرڻ) **(2):** تسليمِ امور (يعني اللہ پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي ٿي وڃڻ) ۽ **(3):** اخلاص (يعني هميشہ ربّ جي رضا جو طلبگار

---

1… اَلْمَنَبِّهَات لابن حجر، صفحه:31۔

2 فِی النَّهْیِ عَنِ الْمُنْكَرِ اتِّقَاءِ غَضَبِ الله

رهڻ)، اِهي 3 خاص وصفون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان سکيون آهن. (1) معلوم ٿيو تہ ◈ الله ۽ رسول جي خاطر جان ۽ مال جو نذرانو پيش صحابہ کرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم بہ پيش ڪيو، پر جنهن انداز سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پيش ڪيو، اُها سندن ئي خاصيت آهي ◈ سيئي صحابہ الله پاڪ جي تقدير تي راضي رهڻ وارا آهن، پر جنهن شان سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ راضي رهيا، اُهو سندن خصوصي شان آهي ◈ سيئي صحابہ الله پاڪ جي رضا جا طلبگار آهن، پر جنهن شان سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ طلبگار ٿيا، اِهو بہ انهن جو ئي شان آهي.

# (1) جان جي نذراني ۽ تقدير تي راضي رهڻ

## (2) ڪين آزمائش ايندي

صحابيءِ رسول حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ مديني جي باغن (*Gardens*)مان هڪ باغ (*Garden*) ۾ هئس ◈ تہ هڪ شخص آيو ۽ دروازو کڙڪايائين، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِفۡتَحۡ لَہٗ وَبَشِّرۡہُ بِالۡجَنَّۃِ يعني اُن جي لاءِ دروازو کول ۽ کيس جنت جي بشارت ڏي. فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ اُهي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هئا، مون کين جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ◈ ڪجھ دير کان پوءِ ٻيهر دروازو کڙڪيو، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري فرمايو: اِفۡتَحۡ لَہٗ وَبَشِّرۡہُ بِالۡجَنَّۃِ دروازو کول ۽ هن کي يعني اچڻ واري کي

1…کشف المحجوب، صفحہ:87 بتغير قليل۔

جنت جي خوشخبري ٻڌاءِ. حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون دروازو کوليو تہ اچڻ وارا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هئا، مون انهن کي بہ جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن بہ اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ (بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويا) ◈ ڪجهہ دير کان پوءِ ٽيون ڀيرو بہ دروازو کڙڪيو، هن ڀيري غيب جون خبرون ٻڌائڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِفْتَحْ لَهٗ وَبَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ عَلٰى بَلْوٰى تُصِيبُهٗ يعني دروازو کول ۽ اچڻ واري کي ٻڌاءِ تہ هڪ مصيبت کين پهچندي، ان کان پوءِ اُهي جنتي آهن.

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون دروازو کوليو تہ سامهون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هئا، مون کين جنت جي خوشخبري ٻڌائي ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ جلد انهن کي هڪ آزمائش پيش ايندي. حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جنت جي خوشخبري ٻڌڻ تي اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ فرمايو: اَللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ اللّٰه ئي مددگار آهي، يعني جيڪا مصيبت مون تي ايندي، اللّٰه پاڪ جي مدد سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مان ان ۾ ڪامياب ٿي ويندس. [1]

هن حديث پاڪ ۾ بہ ڏسو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏني ۽ فرمايو تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ امتحان مان گذرندا، پوءِ ان امتحان ۾ ڪامياب بہ ٿيندا ۽ ان کان پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندا. سُبْحٰنَ اللّٰه! هي آهي منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب.....!! انهيءَ ڪري ئي تہ اسان چوندا آهيون:

---

1... بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر بن الخطاب رَضِیَ اللہُ عنہ ، صفحہ:936، حدیث:3693۔

| | |
|---|---|
| جو ہو چکا ہے جو ہو گا حُضُور جانتے ہیں | تیری عَطا سے خُدایا حُضُور جانتے ہیں |
| وہی ہیں پیکرِ شَرم و حَیا و ذُو النُّورَیْن | مقام اُن کی حَیا کا حُضُور جانتے ہیں |

## شهادت جو شِدَّت سان انتظار

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ٻڌايو ويو ته اوهان جي تقدير ۾ هڪ وڏو امتحان لکيو ويو آهي، اوهان کي ان امتحان مان گذرڻو پوندو. هاڻي ڏسو ته حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان تقدير تي ڪيتري حد تائين ۽ ڪهڙي انداز سان راضي هئا؟ قرآن ڪريم جي آيت ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَ مِنْهُمْ مَّنْ یَّنْتَظِرُ (پارو: 21، سورة الاحزاب: 23) | ترجمو ڪنز العرفان: سو انهن مان ڪو پنهنجي باس پوري ڪري چڪو ۽ ڪو اجان انتظار ڪري رهيو آهي. |

يعني صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم مان ڪجهه ته اُهي آهن جيڪي شهادت جو رتبو ماڻي چڪا آهن ۽ ڪي اجان انتظار ڪري رهيا آهن. علماءِ تفسير فرمائن ٿا ته انهن انتظار ڪرڻ وارن مان مراد حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهن.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شانِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي ...!! ڪين ٻڌايو پيو وڃي ته سندن تقدير ۾ هڪ وڏي آزمائش لکجي چڪي آهي، اُن آزمائش کان گهبرائي دعائون نه ٿا گهرن، واويلا نه ٿا ڪن.

اسان وٽ ته ماڻهو رڙيون ۽ دانهون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن،

1… تفسير روح البيان، پاره:21، سورۂ احزاب، زير آيت:23، جلد:7، صفحه:161۔

شڪايتون ڪرڻ لڳندا آهن ◈ مون ڪنهن جو ڇا بگاڙيو هو؟ ◈ آخر مون سان ئي ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ◈ مان ئي ڇو بيمار ٿيس؟ ◈ منهنجي ئي قسمت ۾ غربت ڇو آئي آهي؟ مَعَاذَالله! ماڻهو اهڙيون اهڙيون شڪايتون ڪندا آهن. حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو شان ڏسو! پاڻ اڇڻ واري آزمائش تي شڪايت ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، دل ۾ خيال به نه ٿا آڻن، پر ان آزمائش تائين پهچڻ ۽ ثابت قدمي ڏيکاريندي شهادت جو رتبو ماڻڻ جو شدت سان انتظار ڪري رهيا آهن.

## واقعءِ شهادت

پيارا اسلامي ڀائرو! اُها آزمائش ڪهڙي هئي؟ ڪيترو سخت امتحان هو؟ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان ۾ ڪامياب ڪيئن ٿيا؟ ٻڌو! روايتن ۾ آهي ته حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي خلافت جو آخري سال هو، ڪجهه منافقن انهن جي خلاف سازش رِٿِي، نتيجي ۾ مصر جي ماڻهن سندن خلاف بغاوت ڪري چڙهي ۽ مديني پاڪ اچي سندن گهر مبارڪ جو گهيراءُ ڪري ڇڏيائون. هاڻي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ اندر آهن، ڪين گهر کان ٻاهر به نڪرڻ نه ٿو ڏنو وڃي، ٻاهران ڪو کائڻ پيئڻ جو سامان به اندر وڃڻ نه ٿو ڏنو وڃي، ڪيترائي ڏينهن پاڻ اهڙي حالت ۾ گذاري ڇڏيائون! سندن چاهڻ وارن جي طرفان بار بار ڪين عرض ڪيو ويندو رهيو ته: عالي جاهه! اوهان حڪم فرمايو! اسان هنن باغين کي ٿوري ئي دير ۾ هتان ڀڄائي ڇڏينداسين. پر سندن هڪ ئي جواب هو: **پياري آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون سان واعدو فرمايو آهي ۽ مان ان تي صبر ڪندو رهندس.** (1)

1...رياض النضرة، جز:3، الباب الثالث، الفصل الحادى عشر، ذكرعرض على وغيره ...الخ، صفحه:60 و 61 خلاصةً۔

## خُونريزي منظور نہ فرمايائون

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي بي مثال صبر تان قربان ...!! شهادت جو جام تہ پيئڻ پسند ڪيائون پر مديني پاڪ ۾ مسلمانن جو خون وهڻ پسند نہ فرمايائون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي عاليشان گهر جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ پاڻي بند ڪيو ويو ◈ جان نثارن دولت خاني تي حاضر ٿي باغين سان مقابلي جي اجازت گهري پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اجازت ڏيڻ کان انڪار فرمايو ۽ ◈ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا غلام هٿيارن (*weapons*) سان ليس ٿي اجازت لاءِ حاضر ٿيا تہ فرمايائون: جيڪڏهن اوهان منهنجي خوشي چاهيو ٿا تہ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيو ۽ ٻڌو! اوهان مان جيڪو بہ غلام هٿيار ڦٽا ڪندو مان ان کي آزاد ڪري ڇڏيو، الله پاڪ جو قسم! خون وهائڻ کان پهريان منهنجو شهيد ٿي وڃڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي. منهنجي شهادت لکي وئي آهي ۽ رسولِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ان جي خوشخبري ڏني آهي. حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجن غلامن کي فرمايو: **جيڪڏهن توهان جنگ ڪئي پوءِ بہ منهنجي شهادت ٿي ئي رهندي.** [1]

رکھا محصُور اُن کو بند ان پر کر دیا پانی | شہادت حضرتِ عثمان کی بے شک ہے لَاثانی [2]

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام سان مشابهت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مقام تي حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وڏو علمي نقطو بيان فرمايو آهي، لکن ٿا: هن محاصري جي دوران هڪ

---

1...تحفه اثنا عشرة، مطاعن عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، طعن دہم، صفحہ:327۔

2...وسائل، بخشش، صفحہ:584۔

پيرو حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰہُ عَنہُ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنہُ وٽ آيا، عرض ڪيائون: اي اَمِيْرُالْمُؤْمِنِيْن! اجازت ڏيو تہ اسان هنن باغين کي سندن انجام تائين پهچائي ڇڏيون. حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنہُ فرمايو: اي پيارا ٻچڙا! گهر وڃو! آرام ڪريو! ايسيتائين جو تقدير جو لکيل غالب اچي وڃي، لَاحَاجَةَ لَنَا فِي اِهْرَاقِ الدِّمَاءِ يعني اسان کي خون وهائڻ جي ضرورت نہ آهي.

داتا حضور هيءُ روايت لکڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنہُ جي سيرتِ پاڪ جو هي پاسو تہ باغي گهيرو ڪري ويٺا آهن، اوهان کان مدد جي اجازت گهري پئي وڃي، عرض ڪيو پيو وڃي: اجازت ڏيو! اسان هنن باغين کي انجام تائين پهچائي ڇڏينداسين، پاڻ پوءِ بہ ڪو قدم نہ ٿا کڻن، تقدير تي راضي رهن ٿا، سندن سيرتِ پاڪ جو هي اُهو پاسو آهي جيڪو الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان ڪمال مشابهت رکي ٿو. اهو بہ وقت هو جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي باھ ۾ وِڌو پئي ويو، جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿين ٿا، عرض ڪن ٿا: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام! ڪا حاجت هجي تہ فرمايو! پاڻ فرمايائون: حاجت تہ آهي، پر توکان نہ آهي. عرض ڪيو ويو: جنهن کان حاجت آهي ان کي ئي عرض ڪريو! فرمايائون: الله پاڪ ڄاڻي ٿو، منهنجي چوڻ جي ضرورت نہ آهي.

داتا حضور فرمائن ٿا: اُهي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هئا جيڪي تسليم ۽ رضا جي اهڙي بلند مقام تي پهتل هئا، جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام مدد لاءِ حاضر ٿين ٿا، پاڻ کانئس مدد نہ ٿا وٺن، الله پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي رهن ٿا ۽ هتي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنہُ آهن، مشڪل آهي، پريشاني آهي، امتحان آهي،

حضرت موليٰ علي، امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمَا مدد لاءِ اچن ٿا پر حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ڪانئن مدد نہ ٿا وٺن، پر اللّٰه پاڪ جي لکيل تقدير تي راضي رهي رهيا آهن.[1] حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو هي ئي اُهو عظيم شان آهي جنهن کي بيان ڪندي اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّا نُشَبِّهُ عُثْمَانَ بِاَبِيْنَا اِبْرَاهِيْمَ بيشڪ اسان عثمان کي پنهنجي والد ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان مشابهت رکڻ وارو سمجهون ٿا. [2]

يعني حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي سيرت ۾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي جهلڪ موجود آهي. سُبۡحٰنَ الله! هي ڪيڏو وڏو شان آهي ...!!

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا — محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا
جس آئینہ میں نور الٰہی نظر آئے — وہ آئینہ رخسار ہے عثمانِ غنی کا(3)

**وضاحت:** حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اللّٰه پاڪ سان بي پناهه محبت ڪرڻ وارا، محبوبِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا دوست ۽ صحابي آهن، سندن چهرو مبارڪ ايترو روشن آهي جو ان ۾ نورِ الٰهي جي چمڪ رهندي آهي.

## اللّٰه پاڪ جي رِضا ۾ راضي رهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان لاءِ سبق آهي، ڏسو! ڪيڏو نہ مشڪل مرحلو هو ◈ 40 ڏينهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ محاصري ۾ گذاريا ◈

---

1…ڪشف المحجوب، صفحه:86و87 خلاصتاً۔
2…مسند الفردوس، جلد:1، صفحه:55، حديث:152۔
3…ذوقِ نعت، صفحه:80و81 ملتقطاً۔

بک ۾ اچ برداشت فرمايائون ◈ ان دوران به پاڻ روزا رکندا رهيا ◈ نهايت اطمينان سان قرآن کريم جي تلاوت کندا رهيا ◈ انتهائي تڪليفون برداشت ڪرڻ جي باوجود پاڻ خون وهائڻ تي راضي نه ٿيا پر الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ۽ صابر رهيا.

ڪاش! اسان کي به اهڙو جذبو نصيب ٿي وڃي، افسوس! ◈ اسان وٽ دانهُون تمام گهڻيون ڪيون وينديون آهن ◈ بي صبري تمام گهڻي ڪئي ويندي آهي ◈ مَعَاذَالله! الله پاڪ کان شڪايتون ڪيون وينديون آهن (اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُالله!)، اسان جون مشڪلاتون ڪهڙيون آهن؟ ◈ هڪ وقت جو کاڌو نه ملي ته اسان بي صبرا ٿي ويندا آهيون ◈ نوڪري هلي وڃي ◈ ڪم بند ٿي وڃي ◈ ڪجهه ڏينهن آمدني بلڪل ختم نه، پر ٿوري گهٽ ٿي وڃي ته اسان بي صبرا ٿي ويندا آهيون ◈ ٿورو مٿي ۾ سور پئجي وڃي ته دانهون ڪرڻ لڳندا آهيون ◈ ڪا بيماري اچي وڃي ته ناشڪري ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهيون، الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، ڪاش! اسان کي تسليم ۽ رضا جي دولت نصيب ٿي وڃي، هر وقت، هر گهڙي الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا بڻجي وڃون.

گو یہ بندہ نکما ہے بیکار، اس سے لے فضل سے ربِّ غفّار

کام وہ جس میں تیری رِضا ہے، یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے

میری بَک بَک کی عادت مِٹا دے اور آنکھیں حیا سے جُھکا دے

صدقہ عثمان کا جو باحیا ہے، یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے(1)

---

1…وسائلِ بخشش، صفحه:138و 139 ملتقطًا.

## (3): عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جون مالي قربانيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُ جنهن شان سان، جنهن بي مثال صبر ۽ استقامت جو مظاهرو ڪندي الله پاڪ جي راهه ۾ جان قربان ڪئي، اُها سندن ئي خاصيت آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن انهن جي مالي قربانين جو ذڪر ڪيو وڃي ته ان ۾ به پاڻ بي مثل ۽ بي مثال نظر اچن ٿا، پاڻ اُهي شان وارا صحابي آهن، جن هڪ ڀيرو نه پر بار بار بذاتِ خود مالڪِ جنت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان باقاعده جنت خريد ڪئي آهي ◈ بِئرِ رومہ (يعني رومہ نالي کوهه) خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون ◈ مسجدِ حرام شريف جي توسيع لاءِ زمين خريد ڪري پيش ڪيائون ◈ جيشِ عسرت (يعني غزوهءِ تبوڪ وقت لشڪر) لاءِ دل کولي مال ۽ سامان پيش ڪيائون ۽ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان جنت جي خوشخبري حاصل ڪيائون.

## اي الله عثمان کان راضي ٿي وڃ...!!

روايت آهي: غزوهءِ تبوڪ جو موقعو هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم جو لشڪر سفر تي هو، رستي ۾ هڪ هنڌ تمام وڏي مشڪل پيش آئي، ڪاڌي پيتي جون شيون ختم ٿي ويون، سخت گرمي (*Intense Heat*) هئي، بک ۽ اڃ جي شدت ٿي، ان حالت ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم جي چهرن تي افسردگي (*Unhappiness*) جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا جڏهن ته منافق اهڙي حالت ڏسي خوش ٿي رهيا هئا.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جڏهن اهڙي صورتحال ڏٺي ته غيب جي خبر ڏيندي فرمايائون: **الله پاڪ جو قسم! سج لهڻ کان اڳ الله پاڪ**

**اوهان وٽ رزق موڪلي ڏيندو.**

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بہ لشڪر ۾ موجود هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جڏهن هي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌو تہ فورًا انتظام ڪرڻ شروع ڪيائون، پاڻ اناج سان ڀريل 7 اُٺ خريد ڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ڪري ڇڏيائون، جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم اُهي اُٺ ڏٺا تہ سندن چهرن تي خوشي ڇانئجي وئي، ٻئي طرف منافقن جا چهرا غمگين ٿي ويا. سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ جڏهن اُهي 7 اُٺ پيش ڪيا ويا تہ فرمايائون: هي ڇا آهي؟ ڪنهن جي طرفان آهي؟ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اوهان جي خدمت ۾ تحفو (*Gift*) پيش ڪيو آهي.

راوي چون ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ مون پاڻ ڏٺو تہ، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دعا جي لاءِ هٿ ڪنيا ۽ ايترا بلند ڪيا جو سندن مٿي مبارڪ کان بہ مٿي ٿي ويا، پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي لاءِ اهڙي دعا فرمائي جو پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي اهڙي دعا ڪڏهن بہ ڪنهن جي لاءِ ڪندي نہ ڏٺو ويو. (1)

هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دعا فرمائي: اي اللّٰہ پاڪ! مان عثمان کان راضي آهيان، تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ. (2)

حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: مون پياري آقا، مديني واري

1…الرياض النضرة، الباب الثالث، الفصل السادس:ذكر اختصاصه ...الخ، جزء :3، صفحه :25 ملتقطاً
2…فضائل الصحابة احمد بن حنبل، جز:1، صفحه:484، حديث:784۔

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڏنو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڄي رات حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُ لاءِ هيءَ دعا ڪندا رهيا: اي الله پاڪ! مان عثمان کان راضي ٿيس، تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ. [1]

الله سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا
گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا (2)

## عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي خوش بختي

اي عاشقانِ رسول! حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُ جي خوش بختي ڏسو! رشڪ جي لائق ڳالھ آهي، پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڄي رات انهن جي لاءِ دعا فرمائي: ياالله! مان عثمان کان راضي آهيان، تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ.

اللّٰهُ اکبر! جنهن کان محبوبِ خدا، ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم راضي ٿي وڃن، ان کي ٻيو ڇا گھرجي...!!

خدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم | خدا چاہتا ہے رضائے مُحمَّد (3)

**وضاحت:** هن شعر ۾ اعليٰ حضرت، امامِ عشق و محبت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان حديث پاڪ ڏانهن اشارو فرمايو آهي جنهن ۾ هي بيان آهي تہ قيامت جي

---

1…تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:39، صفحہ:54.
2…ذوق نعت ، صفحہ:80 ملتقطاً.
3…حدائق بخشش، صفحہ:65.

ڏينهن الله پاڪ سيني اڳين ۽ پوين کي گڏ ڪري پنهنجي محبوب کي فرمائيندو: كُلٌّ أَحَدٍ يَطْلُبُ رِضَايَ وَأَنَا أَطْلُبُ رِضَاكَ يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي سڀ منهنجي رضا چاهن ٿا، پر اي منهنجا محبوب! مان تنهنجي رضا چاهيان ٿو. (1)

## رِضاءِ مصطفيٰ مِلڻ معمولي ڳالھ نہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! محبوبِ خدا، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جي رضا حاصل ٿي وڃڻ ڪا عام ڳالھ نہ آهي، تمام وڏي فضيلت آهي. امام محمد بن محمد غزالي رَحمۃُاللہِعَلَیہ فرمائن ٿا: آخرت ۾ الله پاڪ جي طرفان اهلِ جنت کي جيڪو سڀ کان وڏو انعام ملندو، اهو الله پاڪ جي رضا آهي.

هاڻي ڏسڻو اِهو آهي تہ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪيئن ٿيندي آهي؟ سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت شاھ امام احمد رضا خان رَحمۃُاللہِعَلَیہ فرمائن ٿا:

بَہم عَہد باندھے ہیں وَصْلِ اَبَد کا | رضائے خُدا اور رضائے مُحَمَّد (2)

**وضاحت:** هڪ آهي الله پاڪ جي رضا، ۽ ٻي آهي محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جي رضا. انهن ٻنهي(يعني رضاءِ خدا ۽ رضاءِ مصطفیٰ) پاڻ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ پڪو واعدو ڪيو آهي تہ ٻئي گڏ گڏ ئي رهنديون سين. يعني جنهن کي الله پاڪ جي رضا گهرجي، اهو محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! کي راضي ڪري وٺي ۽ جنهن کان محبوبِ خدا، محمدِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! راضي

---

1...تفسير ڪبير، پاره:2، البقره، زيرآيت:142،جلد:2،صفحہ:82۔

2...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

ٿي ويا، ٻنهي جهانن جو خدا بہ ان کان راضي ٿي ويندو.

معلوم ٿيو تہ جنهن کان الله پاڪ جا محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! راضي ٿي وڃن، اهو آخرت جي سڀ کان وڏي انعام، يعني الله پاڪ جي رضا جو حقدار بڻجي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اُهي بلند مرتبي وارا صحابي آهن، جن لاءِ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! سڄي رات دعا فرمائيندا رهيا تہ: **ياالله پاڪ! مان عثمان کان راضي آهيان، تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ.**

اندازو لڳايو تہ! اِها حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ڪيڏي نہ وڏي فضيلت آهي.

| | |
|---|---|
| اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا |
| گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا (1) |

## رِضاءِ مصطفيٰ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ محبوبِ خدا، سردارِ انبياء صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ◈ نيڪ ڪم ڪريون ◈ گناهن کان بچون ◈ درود پاڪ پڙهون ◈ ذڪرُ الله ڪريون ◈ قرآن ڪريم جي ڪثرت سان تلاوت ڪريون ◈ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! جي ڏکايل امت جو غم ونڊيون ◈ عاشقانِ رسول سان همدردي ڪريون ◈ ٻين جي ڪم اچون. جيڪڏهن اسان ائين ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ الله

1...ذوق نعت ، صفحہ:80 ملتقطاً

الْكَرِيْم! الله پاڪ جا پيارا نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان کان راضي ٿي ويندا ۽ جڏهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! راضي ٿي ويا ته پوءِ اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! الله پاڪ به راضي ٿي ويندو.

ڪام وه لے ليجئے! تم کو جو راضی کرے | ٹھيک ہو نامِ رضا تم پہ کروڑوں درود (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جون ٽي اعليٰ وصفون آهن: (1): پاڻ الله پاڪ جي رضا جا طلبگار (2): تقدير تي راضي رهڻ وارا (3): ۽ الله ۽ رسول جي نالي تي جاني ۽ مالي قربانيون پيش ڪرڻ وارا هئا.

الله پاڪ اسان کي به انهن نيڪ ڪمن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## يومِ عثمانِ غني ملهايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! 18 ذوالحج تي مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو يومِ شهادت آهي. گهر ۾، آفيس ۾، دڪان تي، جتي به ٿي سگهي، سندن ياد ملهايو! سندن ايصالِ ثواب لاءِ فاتحه شريف پڙهو! مٺائي وغيره تقسيم ڪريو! نصيب ٿي وڃي ته سندن ايصالِ ثواب لاءِ مختصر محفل به ڪرايو! گهر ۾ به اهتمام ڪريو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **ڪراماتِ عثمانِ غني** سڀني گهر وارن کي گڏ ڪري پڙهي ٻڌايو!

---

1...حدائق بخشش، صفحه:271.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ پنهنجن پيارن جي صدقي اسان کي نيڪ بڻائي ۽ اسان سڀ نيڪين جا پابند بڻجي وڃون ۽ ٻين کي به نيڪين ڏانهن سڏڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف:

## خُدامُ المساجد والمدارس المدينہ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! جڏهن هجرت فرمائي ته اسلام جي سڀ کان پهرين مسجد تعمير ڪرائي، جنهن کي اڄ به مسجدِ قبا جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. مسجدِ قبا جي تعمير کان شروع ٿيڻ وارو اِهو سلسلو اسلام جي ڦهلجڻ سان گڏ وڌندو رهيو، ۽ اَلحمدُلله! اڄ سڄي دنيا ۾ لکين مسجدون موجود آهن. خود سلطانِ دوجهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! ۽ صحابہءِ ڪرام ۽ بزرگانِ دين مسجدن جي تعمير ۾ ڀرپور حصو ورتو.

بزرگانِ دين جي طريقي تي هلندي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ العالیہ جي فيضان سان مسجدن ۽ مدرسن جي تعمير لاءِ **خدامُ المساجد والمدارس المدينہ** نالي سان هڪ شعبو قائم ڪيو ويو آهي. هن شعبي جي تحت ڳوٺن ۾، نئين سوسائٽين ۾ ۽ جتي به عاشقانِ رسول جون مسجدون نہ آهن، اتي مسجدن جي تعمير جو سلسلو شروع ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اتان جا ماڻهو آسانيءَ سان نماز ادا

ڪري سگھن ۽ ٻارن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏني وڃي.

اَلحمدُلله! هن شعبي جي ڪوشش سان ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر تقريباً **10 هزار** کان وڌيڪ مسجدون ۽ مدارس المدينہ قائم ڪيا ويا آهن. **1 هزار** کان وڌيڪ مسجدون زيرِ تعمير آهن ۽ **500** کان وڌيڪ پلاٽ موجود آهن، جتي جلد ئي مسجدن جي تعمير شروع ڪئي ويندي. جڳھ خريد ڪرڻ کان وٺي مسجد جي تعمير مڪمل ٿيڻ ۽ نماز جي ادائيگي تائين سمورا معاملا مفتيانِ ڪرام جي نگرانيءَ ۾ سرانجام ڏنا ويندا آهن. اهڙي طرح جن علائقن ۾ مدرسن جي ضرورت هوندي آهي يا مخير حضرات مدرسن لاءِ جڳھ عطيو ڪندا آهن، اتي مدرسن جي تعمير جو مڪمل انتظام بہ هن مجلس جي نگرانيءَ هيٺ ڪيو ويندو آهي. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي هن شعبي کي ترقيون عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن **فيضانِ حديث** جي نالي سان پلي اسٽور ۽ ايپ اسٽور *Play Store* ۽ *App Store* تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپليڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب جهڙوڪ ◈ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح ◈ مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ◈ أَرْبَعِيْنِ نَوَوِيَّه اردو ترجمي ۽ تشريح سان ◈ رِياضُ الصَّالِحِين اردو ترجمي ۽ شرح سان ◈ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ◈ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ◈ اَنْوَارُ الْحَدِيْث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ◈ هن ايپلي ڪيشن

جي مدد سان توهان احاديثِ ڪريمہ ڪي ڪتابي صورت ۾ (يعني جِلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو مطالعو بہ ڪري سگهو ٿا ◈ سرچ آپشن جي مدد سان بہ حديثن کي تلاش ڪري سگهجي ٿو ◈ حديث پاڪ جو عربي متن اعرابن سان ۽ بغير اعرابن جي، ٻنهي صورتن ۾ ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ◈ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي فيوريٽ ***Favorite*** ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ◈ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپليڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ بہ حديث پاڪ جو فيضان حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ الحمدلله! مُحرم شريف جي آمد آمد آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! متوقع 15 جون 11 مُحرم شريف تائين روزانو رات جو مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو. ◈ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي تشريف وٺي وڃو! اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صحبت ۾ مدني مذاڪرن ۾ شامل ٿي وڃو! ◈ پنهنجن علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرا ڏسڻ جو اهتمام ڪريو! ◈گهر جي ڀاتين کي اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪريو! ◈فيسبوڪ ۽ يوٽيوب تي بہ مدني مذاڪرو لائيو (Live) هوندو آهي، ٿي سگهي تہ اتي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪريو!

اچڻ واري ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ◈ **هفتيوار رسالو مطالعو** بہ **12 ديني ڪمن** مان هڪ ديني ڪم آهي، هر هفتي مدني مذاڪري ۾ هڪ رسالو پڙهڻ جو اعلان ڪيو ويندو آهي. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**ذڪر جا واقعا**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره تي الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ تان مسلمانن جي ٽيئن خليفي حضرت **عثمان غني** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سيرت، فضائل ۽ ڪرامتن تي مشتمل هڪ بهترين رسالو "**ڪراماتِ عثمان غني (مع ٻيون حڪايتون)**" شايع ڪيو آهي. اهڙي طرح حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي تعارف ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي جنتي هجڻ جي حوالي سان بہ هڪ رسالو "**حضرت عثمان بہ جنتي جنتي**" شايع ڪيو آهي.

توهان مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان: رسالو ڪراماتِ عثمان غني (مع ٻيون حڪايتون)، صرف 32 رپين ۾، جڏهن تہ رسالو "حضرت عثمان بہ جنتي جنتي" صرف 20 رپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا. پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## محرم شريف جي قافلن جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! عالمي سطح تي شهدائي ڪربلا ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمتِ عاليہ ۾ ثواب جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا مبلغين الله جي راھ ۾ سفر ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آھن، علمِ دين سکندا ۽ سيکاريندا آھن. ھر سال وانگر ھن سال بہ 8، 9، 10 محرم شريف 1448 هجري تي شهداءِ ڪربلا لاءِ ايصالِ ثواب قافلا سفر ڪندا. اوھان بہ 3 ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت فرمايو. الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رھيو آھيان. تاجدارِ رسالت، شھنشاھِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! فرمايو:

مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ أَحَبَّنِی وَمَنْ أَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گھٽ ڪائڻ سنّت آھي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جڏھن ٻانهو پنهنجي ڪاڏي

1… تاريخ ابن عساکر، رقم:828، انس بن عياض، جلد:9، صفحہ:343۔

۾ گهڻتائي ڪندو آهي ته ان جو سينو نور سان ڀريو ويندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سنّت آهي اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن به لاڳيتو 2 راتيون پيٽ ڀري نه کاڌائون پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بکَ جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

## کاڌي جي مقدار جي باري ۾ احڪام:

بُکَ رکي کري کائڻ سنّت آهي. جيتري بُک آهي، اوترو کائي وٺڻ مباح آهي (يعني ان ۾ نه گناهه نه ثواب). پيٽ ڀري کري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي، حرام آهي. پيٽ ڀري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نه هجي مڪروهه آهي. غذا ۾ ايتري گهڻتائي کري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

غم کے بادل چھٹیں قافلے میں چلو
خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو

رب کے در پر جھکیں، اِلتجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

---

1 جامع صغير، صفحه:35،حديث:469۔
2 بهارِ شَرِيْعت، حصه:16، جلد:3، صفحه:374 ملخصًا ۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

1... القول البديع، الباب الثانى، ص277

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص125

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2...مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455